قسط: 1

# اچي ميان جون سٺيون ڳالهيون

سنڌي






پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: اڇي ميان جون سٺيون ڳالهيون

ڇاپو پهريون: ربيع الاوّل 1444ھ ، آڪٽوبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# اچي ميان جون ستيون ڳالهيون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

## فهرست

اڇي ميان جو ن سٺيون ڳالهيون ........................ 1
درود شريف جي فضيلت........................ 1
مبارڪ خاندان. ........................ 3
غوث پاڪ جو فيضان ........................ 3
ولادت شريف جي خوشخبري ........................ 4
ظاهري ۽ روحاني استاد ........................ 5
حضور غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جي آمد ........................ 5
سجّادهہ نشيني ........................ 6
عادات ۽ معمولات شريف ........................ 6
منجهند جي ماني ۽ قَيلُولو شريف ........................ 7
ظهر کان عشاء جو معمول شريف ........................ 8
انفرادي عبادت جي عادت بڻايو........................ 8
ڪثرت سان درود شريف پڙهو ........................ 9
باجماعت نماز جي اهميت........................ 10
غيبي ڪتاب........................ 10
هڪ نه ٿي پٽ عطا ٿي ويا (ڪرامت) ........................ 11
علمي خدمتون ........................ 12
علوم ۽ فنون جو انسائيڪلوپيڊيا ........................ 13
مريد هجي ته اعليٰ حضرت جهڙو........................ 15

اولاد مبارڪ ........................................ 16
مريدن جو تعداد ۽ ڪجھ خليفن جا نالا ........................................ 17
ڪامل پير جي تلاش جي ........................................ 18
ڪوڙھ وارو ٺيڪ ٿي ويو (ڪرامت) ........................................ 20

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اچي ميان جون سئيون ڳالهيون

**دعاءِ عطار:** ياربَّ المصطفي: جيڪو بہ مڪمل رسالو ”اچي ميان جون سئيون ڳالهيون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي پنهنجي ٻانهي اَچي ميان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صدقي سنو انسان بڻاءِ ۽ ان جي بغير حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

بخارا (اُزۡبڪستان) جو رهڻ وارو هڪ شخص مارِهَرا شريف حاضر ٿيو ۽ ظهر جي نماز خانقاه شريف ۾ پڙهي ڪري قادريہ رضويہ عطاريہ سلسلي جي عظيم بُزرگ شمسِ مارهَرا حضرت ابوالفصل آلِ احمد المعروف اچي ميان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿيو: ”اوهان جو نالو ٻڌي ڪري طلبِ حق جي واسطي هتي آيو آهيان چوتہ مون ۾ مجاهدو ڪرڻ جي طاقت نہ آهي اوهان جي توجه سان بغير ڪنهن محنت جي هن عظيم فيض سان مشرّف ٿيڻ چاهيان ٿو.“ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مسڪرائي ارشاد فرمايو: ايتري وڏي دولت ايترو جلدي ٿو چاهين؟ حاضرين منجهان هڪ شخص چيو تہ هي بہ ڪو حلوو آهي، جو تنهنجي منهن ۾ رکي ڇڏجي؟ حضرت فرمايو: ”ائين نہ چئو، الله (جي

رحمت) کان ڪجهه پري نہ آهي.“ پوءِ ان نوجوان کي هڪ درود شريف مخصوص طريقي سان اڄ رات پڙهڻ جي لاءِ فرمايائين. ان حڪم جي تعميل ڪئي. رات جو درود شريف پڙهي سُتو تہ اهو الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدَني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت سان مشرف ٿيو. ان تي هڪ ڪيفيت طاري ٿي جنهن سان ان جو باطني معاملو حل ٿي ويو. صبح جو اهو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو. سبحان الله! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن مون کي خواب ۾ ارشاد فرمايو: هر صدي (يعني سؤ سال) کان پوءِ منهنجي اُمّت ۾ هڪ اهڙو شخص ٿيندو جيڪو منهنجي دين کي زنده ڪندو هن صدي ۾ اها ”ذات“ توهان جي آهي. (تذکره مشائخِ قادريہ رضويہ، ص 362 بتغير) اللّٰه رَبُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بغير حساب جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

دِل کو اچھا تن کو ستھرا جان کو پُر نور کر     اچھے پیارے شمس دِیں بدرالعلیٰ کے واسطے

الفاظ معنيٰ: تَن: جسم. شمسِ دين: دين جو سج. بدرُالعُليٰ: بلندين جو چنڊ.

**شرح شجرو شريف:** ياالله پاڪ! توکي حضرت سيّد شاه آلِ اَحمد اَڇي ميان مارِهَروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو واسطو جيڪو دينِ اسلام جو

سج ۾ بلندي جو چنڊ آهي، منهنجي دل کي چڱو، جسم کي صاف ۾ منهنجي روح کي پُرنور ڪري ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مبارڪ خاندان.

سلسلهءِ قادريه رضويه عطاريه جي عظيم بزرگ شمسِ مارِهَره حضرتِ ابُو الفضل آلِ احمد المعروف اَڇي مياں رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه 28 رمضانُ المبارڪ 1160 هجري تي مارِهَره مطهره (ضلع ايٽا يوپي) هند ۾ پيدا ٿيو. سندن خاندان مبارڪ حسيني زيدي سادات ڪرام مان آهي. (احوال و آثار شاہ آلِ احمد اچھے میاں مارہروی، ص 19 بتغیر)

## غوث پاڪ جو فيضان

پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جي ولادت شريف جي وقت سندس ڏاڏي سائين صاحِبُ البَرڪات حضرت شاه برڪت اللّٰه عشقي مارهَروي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جو اهو خرقو مبارڪ (يعني لباس شريف) جيڪو شهنشاهِ بغداد حضورِ غوث پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جي اشاري سان ان وقت حضور اَڇي مياں کي پارائڻ لاءِ امانت طور رکيو ويو هو اهو سندن کي پارايو ۽ صاحبُ البرڪات رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جي فرمان جي مطابق سندن نالو ”آل احمد“ رکيو. سندس ڏاڏي صاحب اڪثر فرمائيندي هئي ته اهو ٻار اسان جي خاندان جي لاءِ فخر جو سبب ٿيندو. حضرتِ آلِ احمد اَڇي مياں رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه مادر زاد (يعني پيدائشي)

ولي هئا ۽ جهڙي طرح حضور غوثُ الاعظم حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جا مظهر هئا اهڙي طرح پاڻ غوث پاڪ جا مظهر هئا. (برکاتِ مارہرہ، ص 71بتغير) منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عرض ڪن ٿا تہ:

یاابوالفضل آلِ احمد حضرتِ اچھے میاں　　شاہ شمس الدّین ضیاءُالاَصفِیا امداد کن

ترجمو: اي حضرتِ ابوالفضل آلِ احمد اڇي ميان! بادشاهہ دين جا سج ۽ صوفين جي روشني! منهنجي مدد ڪريو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ولادت شريف جي خوشخبري

سلطانُ العاشقين سيد شاهہ برڪت الله رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو هو: الله پاڪ جي فضل سان مون کي هڪ نينگر عنايت ٿيندو جنهن سان خاندان جي رونق بيٺي ٿيندي. پوءِ پاڻ پنهنجو هڪ خرقو (يعني لباس شريف) عنايت فرمائيندي حڪم ڏنائون تہ هي ان صاحبزادي جي لاءِ آهي. حضور صاحبُ البرڪات رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا وڏا صاحبزاده حضرت شاهہ آلِ محمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضرت اڇي ميان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي رسم بِسۡمِ الله جي موقعي تي کيس هنج ۾ کڻي ڪري فرمايو: تہ هي اهو ئي شهزادو آهي جنهن جي خوشخبري والد محترم ڏني هئي. (تذکره مشائخِ قادريہ رضويہ ، ص 358 بتغير)

شمس و قمر سے بڑھ کر ہے شانِ آلِ احمد
قربان آلِ احمد قربانِ آلِ احمد

## ظاهري ۽ روحاني استاد

پاڻ ظاهري ۽ باطني علوم پنهنجي والد ماجد حضرت شاه حمزه عيني رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡه کان حاصل ڪيا ۽ سندس والد محترم کان خلافت بہ حاصل ٿي. سندن روحاني تعليم و تربيت براهِ راست بارگاهِ غوثيت مان ٿي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سندس روحاني استاد حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه هئا. (تذکرہ مشائخ مارہرہ، ص 18) پاڻ سلسلي قادريہ رضويہ عطاريہ جا ڇهٽيهان پير و مرشد آهن. پاڻ وڏا با ڪمال ۽ عارف بالله يعني الله پاڪ جي پهچان رکڻ وارا بزرگ هئا.

## حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡه جي آمد

حضرتِ آلِ احمد اچي ميان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جو پائٽيو سيد شاه غلام محيُ الدّين صاحب پنهنجي نندپڻ جو واقعو لکي ٿو تہ: هڪ دفعو حضرت شاه اچي ميان رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡه سجاده نشيني جي مڪان ۾ اڪيلو وينا هئا ۽ اندر ڪنهن کي وڃڻ جي اجازت نہ هئي. دروازي تي هڪ خادم وينو هيو. مان ڪيڏندي ڪيڏندي دروازي تائين ويس ۽ اندر وڃڻ چاهيو خادم روڪيو پر مان جلدي اندر داخل ٿي ويس. مان ڏٺو تہ حضرت ٻن بزرگن سان ويهي ڪجھ ڳالهيون ڪري رهيا هئا، مان آهستي آهستي وڃي ڪري پويان پُنيءَ مبارڪ سان چنبڙي ويس. حضرت پنهنجو منهن مبارڪ ڦيري مونکي ڏسي ڪجھ ناراضگي سان ارشاد فرمايو: ڇو آيو آهين؟ مون(ٻالڪپڻ ۾) عرض ڪيو: توهان جي ڪلهي تي چڙهندس. اهو ٻڌي ڪري پاڻ

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ اهي ٻئي بزرگ مسڪرائڻ لڳا پوءِ انهن ٻنهي بزرگن منهنجي مٿي تي هٿ مبارڪ گهمايو ۽ پيار ڪيو. ان کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن بزرگن سان گڏ اندر ويا ۽ ٿوري دير کان پوءِ حضرت اَڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻاهر اڪيلا تشريف ڪٺي آيا تہ مون عرض ڪيو: اهي ٻئي بزرگ ڪير هئا ۽ ڪاڏي ويا؟ پاڻ فرمايائون تہ هڪ حضرت غوث پاڪ ۽ ٻيو سيّد شاه جلال صاحب مارهَروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما هئا، اهي ٻئي ڪڏهن ڪڏهن نظر ڪرم فرمائيندي تشريف ڪٺي ايندا آهن ۽ هاڻي تشريف ڪٺي ويا.

(برکاتِ مارہرہ، ص 71بتغير)

خُداوندا برائے آلِ احمد نصیبم کن لقائے آلِ احمد

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سجّاده نشيني

حضرت سيّد شاه آلِ احمد اَڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه والد محترم جي انتقال شريف کان پوءِ خانداني دستور (يعني طريقي) موجب سلسلي برڪاتي جي مسند تي تشريف فرما ٿيا ۽ تقريباً 37 سال وصال شريف تائين ان تي رونق افروز رهيا. (احوال و آثار شاہ آلِ احمد اچھے میاں مارہروی ، ص27 بتغير)

## عادات ۽ معمولات شريف

حضرت شاه آلِ احمد اڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي وقت جا غوث هئا. سائين جي ڏينهن رات جا معمولات ائين هئا جيئن حضور غوث

اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي هڪ ڪامل مظهر جا هجڻ گهرجن. سائين جو ڏينهن الله پاڪ جي مخلوق جي خدمت ۽ خير خواهي ۾ مُرِيدَن جي اصلاح ۽ رهنمائي ۾ گذرندو هيو ۽ رات بارگاهِ الٰهي ۾ عبادت ڪرڻ ۾ گذرندي هئي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو مريد حضرت مولانا مجاهد الدين ذاڪر بدايوني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکي ٿو ته: پاڻ رات جي آخري حصي ۾ اُٿي وضو فرمائي تهجد جي نماز پڙهندا هئا پوءِ اُوراد ۽ وظائف ۾ مصروف رهندا هئا ۽ فجر جو وقت شروع ٿيڻ کان ڪجھ دير پهريان مسجد ۾ تشريف ڪٺي اچي تحيةُ المسجد ادا ڪندا هئا ۽ (فجر جو وقت شروع ٿيندي ئي) فجر جي سنت پڙهندا هئا. فجر جي نماز باجماعت ادا ڪرڻ کان پوءِ هٿ کڻي دين جي ترقي ۽ مسلمانن جي مغفرت جي لاءِ دعا فرمائيندا هئا. پوءِ خانقاه شريف ۾ اچي ڏينهن ٿيڻ تائين اُوراد ۽ وظائف ۾ مصروف رهندا هئا ان وقت دروازو بند هوندو هو ۽ ڪنهن کي به اندر وڃڻ جي اجازت نه هوندي هئي. فارغ ٿي ڪري گهر ۾ اچي سيني جي خيريت معلوم ڪري ٻيهر خانقاه شريف تشريف آڻيندا هئا. پوءِ هتان کان درگاه مُعلّٰي روانو ٿيندا هئا، هڪ خادم پهريائين معمول جي مطابق قبلي رخ مُصلو وڇائي ڇڏيندو هو. پاڻ پهريان والد محترم پوءِ والده محترمه ۽ ٻين عزيزن جي مزارن تي فاتحه خواني ڪندا هئا.

(تذکرہ شمسِ مارہرہ،ص 19بتغیر)

## منجهند جي ماني ۽ قَيلُولو شريف

ڪڏهن ڪڏهن باغ ۾ تشريف کڻي ايندا هئا ۽ ڄمونءَ جي وڻ هيٺان چادر وڇائي ويهي رهندا هئا پوءِ ان جڳھ کان درگاه شريف

تشريف کڻي ايندا هئا، ان وقت دربار عام هوندي هئي ۽ هر هڪ پنهنجون ضرورتون عرض ڪندو هو، منجهند جي وقت مانيءَ ۾ ڪڻڪ جون ٻہ يا ٽي هلڪيون چپاتيون شوربي يا مڱن جي دال سان کائي قيلولو شريف فرمائيندا هئا. (تذکرہ مشائخِ قادریہ رضویہ ، ص360)

## ظهر کان عشاء جو معمول شريف

باجماعت نماز ظهر ادا فرمائي ڪري تلاوت قرآن پاڪ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا پوءِ درگاهہ شريف اچي ڪري درود پاڪ پڙهندا هئا، عصر جي نماز کان پوءِ ٻيهر درگاهہ شريف تي اچي ڪري نماز مغرب کان پوءِ تسبيح پڙهندا هئا. ۽ پوءِ وري عام دربار لڳندي هئي. ماڻهن جون گذارشون ٻڌي ڪري انهن جي تسلي فرمائي ڪري گهر تشريف کڻي ايندا هئا. اَذان عشاء کان بعد مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪري وري درگاهہ شريف تشريف کڻي ايندا هئا ۽ پوءِ دروازو بند ٿي ويندو هو. ان وقت خانقاهہ ۾ مخصوص ماڻهن کي حاضري جي اجازت هوندي هئي.

(تذکرہ شمسِ مارہرہ ، ص 20)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب                    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انفرادي عبادت جي عادت بڻايو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڀلي ڪٿي ڪيترين بہ مصروفيتون چو نہ هجن انفرادي عبادت جو اهتمام ڪرڻ گهرجي. هاڻي قادريہ سلسلي جي پياري پياري پيرو مرشد حضرت سيّدآلِ احمد اَڇي مياں رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مبارڪ معمولات شريف بيان ٿيا. توهان بہ ان جي

مطابق ڪجهه نه ڪجهه تلاوت قرآن ڪريم ۽ درود شريف پڙهڻ جي عادت بڻايو. اميرِ اهل سنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه هر روز گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپاري جي تلاوت جي ترغيب ارشاد فرمائيندي پنهنجي قادريه رضويه عطاريه سلسلي جي مريدن ۽ طالبن کي ارشاد فرمائين ٿا: تلاوت قرآن پاڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو. حتي الامڪان سج اُڀرڻ کان پهريان هجي. ۽ جيڪڏهن سج اُڀري وڃي ته گهٽ ۾گهٽ 20 منٽن تائين رڪجي وڃو ۽ ذڪر ۽ درود شريف ۾ مشغول ٿي وڃو ايتري تائين جو سج مٿانهون ٿي وڃي ڇوته جنهن ٽن وقتن ۾ نماز جائز نه آهي تلاوت خلاف اوليٰ آهي. (شجره شريف،صفحه22)

## ڪثرت سان درود شريف پڙهو

اميرِاهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه نيڪ سيرت بڻائڻ واري"72نيڪ اعمال" جي رسالي جي صفحي نمبر 2 تي لکن ٿا: ڇا توهان اڄ گهٽ ۾ گهٽ 313 **پيرا** درود شريف پڙهيو. ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي حوالي سان ڪتابن ۾ مختلف اقوال بيان ڪيا ويا آهن، هڪ محتاط قول 313 جو به آهي. (سعادة الدارين،ص54) **لهذا** جيڪڏهن ڪو روزانو گهٽ ۾گهٽ 313 پيرا درود شريف پڙهڻ جي عادت بڻائي ته اهو ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارن ۾ شمار ڪيو ويندو. الله پاڪ! اسان کي اڇي ميان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي تلاوت ۽ درود پڙهڻ جي صدقي فضول گفتگو کان بچي ڪري ڪثرت سان تلاوت ۽ درود شريف پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## باجماعت نماز جي اهميت

حضور اَچي ميان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي سڄي ڏينهن جي معمولات شريف ۾ هڪ ٻي ڳالهه جيڪا نمايان هئي اها هيءَ ته پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا فرمائيندا هئا. ڪاش اَچي ميان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سان محبت ڪرڻ وارا به ان سٺي عادتن کي اپنائن. حضرت عبدُاللّٰه ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي ته مان ٻنهي جهانن جي سردار

صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو ته الله پاڪ باجماعت نماز کي پسند فرمائي ٿو. (مسند امام احمد، 309/2، حديث: 5112) هڪ ٻي روايت ۾ آهي نماز باجماعت اڪيلي نماز پڙهڻ کان ستاويهه درجا وڌيڪ آهي .

(بخاري، 232/1، حديث: 645)

خدا! سب نمازیں پڑھوں باجماعت | کرم ہو پئے تاجدارِ رسالت

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## غيبي ڪتاب

حضرت اَچي ميان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هڪ پيرو پنهجي ياءُ سان (گڏ) ٻهار تشريف ڪٺي ويا ۽ خواجه يحيٰ علي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي مزار تي فاتحه

پڙهي ڪري پالڪي ۾ پنهنجي رهائش گاهه واپس وڃي رهيا هئا ته هڪ درويش کي هٿ ۾ ڪتاب کنيو رستي ۾ بيٺل ڏٺائون، اهو درويش چئي رهيو هو: اڄ ڏاڍي سخت ضرورت آهي هي ڪتاب ٻن روپين ۾ هديو ڪري رهيو آهيان جيڪو به هن جو خواهشمند آهي خريد ڪري. حضرت اَڇي ميان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان وقت وظيفي ۾ مشغول هئا، اهو ٻڌي ڪري ان فقير کي اشاري سان سڏ ڪري پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪتاب ان جي هٿ مان وٺي پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين ۽ ان کي ٻه روپيا عطا فرمائي وظيفي مان فارغ ٿي ڪري ان ڪتاب کي کولي ڪري ڏٺائين ته خبر پئي ته هي هڪ **”غيبي قلمي نسخو“** آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي راز جون ڳالهيون لکيل آهن. هي ڪتاب هن خاندان جي رازن منجهان آهي.

(تذکره شمسِ مارہره، ص 71)

## هڪ نه ٿي پٽ عطا ٿي ويا (ڪرامت)

حضرتِ سيّد شاهه آلِ احمد اڇي ميان مارهَروي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جو هڪ مريد هو جنهن جو نالو خليفو محمد ارادتُ الله بدايوني هو اُهو هر وقت ان فڪر ۾ رهندو هو ته الله پاڪ ان کي هڪ پٽ عطا فرمائي. هڪ ڀيري حضور صاحبُ البرڪات حضرتِ سيدنا برڪتُ الله عشقي مارهَروي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي عرس پاڪ ۾ پنهنجي مرشد جي سامهون بيٺو هو، سخاوت جو درياءُ جوش ۾ هو، ارشاد فرمايائون: ته خليفا! ڇا ٿو چاهين؟ عرض ڪيائين ته: غلام جو ڪو به فاتحه ڏيڻ وارو(يعني پٽ) نه آهي، حضرت فرمايو: اي الله پاڪ! اسان

جي ارادتُ الله کي پٽ ڏئي ڇڏ، ان کان پوءِ فرمايائون: خليفا! پهرين پٽ جو نالو ”ڪريم بخش“ ٻئي جو ”رحيم بخش“ ۽ ٽئين جو نالو ”الٰهي بخش“ رکجانءِ. خليفو قدمن ۾ ڪري پيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته حضور مون کي اميد ناهي پوءِ حضرت پنهنجي مٿي مبارڪ جو عمامو شريف يا ٽوپي مبارڪ عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون: مون کي خدا جي ذات ۾ اميد آهي، خليفو ارادت الله واپس آيو ۽ جلدئي خدا جي قدرت ظاهر ٿي وئي. پوءِ هڪ پٽ پيدا ٿيو، خليفي ان جو نالو ڪريم بخش رکيو. ايتري تائين جو ٽن سالن ۾ ٽي پٽ پيدا ٿيا ۽ ٽنهي جا نالا حضرت اَڇي ميان رحمۃ اللہ علیہ جي فرمان جي مطابق رکيائين. الله پاڪ جي عنايت سان ٽئي پٽ جوان ٿيا ٻن پٽن پنهنجو آبائي پيشو اختيار ڪيو ۽ ڪريم بخش رائج علوم مان فارغ ٿيڻ کان بعد ”ڪريم اللُغات“ نالي سان ڪتاب لکيو. (تذکرہ شمسِ مارہرہ، ص 71)

تمہارے منہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی
کہا جو دن کو کہ شب ہے تو رات ہو کے رہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب
صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## علمي خدمتون

حضرتِ شاهه آلِ احمد اَڇي ميان رحمۃ اللہ علیہ ظاهري ۽ باطني علوم جا سمندِ هئا. علماء ڪرام جا مشڪل مسئلا اهڙي ڪمال سان حل فرمائيندا هئا جو عقل حيران ٿي ويندا هئا، سائين جن جي تاليف ۾ سڀ کان وڏو ڪتاب ”**آئينِ احمدي**“ آهي. ”**برڪاتِ مارهَره**“ ۾

آهي: ”**آئين احمدي**“ ۾ اعمال ۽ اَوراد ۽ اذڪار ۽ راز جون ڳالهيون تحرير ٿيل آهن. جنهن مان چار جلد پاڻ سائين جي هٿ مبارڪ سان لکيل مارِهره شريف ۾ حضرت حافظ حاجي سيّد شاھ اسماعيل حسن صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪتب خاني (لائيبريري) ۾ موجود آهن. هن ڪتاب جا ڪل چوٽيهه 34 جلد ۽ هڪ قول جي مطابق سٺ 60 جلد ڪيترن ئي مبسوط ۽ مختلف علوم ۽ فنون ۾ هئا. هن جا ڪيئي جلد ضايع ٿي ويا. ڪجھ درگاھ شريف ۽ درگاھ شريف جي مختلف ماڻهن ۽ خليفن وٽ آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪجھ ٻين ڪتابن جا نالا هي آهن

❀ بياضِ عمل ۽ معمول دُوَآزدهٔ ماهي ❀ آدابُ السالڪين مطبوعہ ❀تصوّف ۾ مَثنوي اشعار ❀ ديوانِ اشعار فارسي، وغيره.

(تذڪره مشائخِ قادريہ رضويہ:361 ـ برڪاتِ مارہره، ص80 ملخصاً وبتغير )

## علوم ۽ فنون جو انسائيڪلوپيڊيا

حضرت اَورنگزيب عالمگير رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي زماني ۾ وڏن وڏن عالمن جو هڪ بورڊ ٺائي ڪري پنهنجي نگراني ۾ فقہ حنفي جو هڪ انسائيڪلوپيڊيا مرتب ڪرايو هو جيڪو ”**فتاوي عالمگيري**“ جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي. تاريخي طور تي اها ڳالھ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ هند ۾ ان کان پوءِ علماء ڪرام جي جماعت ملي ڪري جيڪڏهن ڪو انسائيڪلوپيڊيا ترتيب ڏنو آهي تہ اهو ”**آئين احمدي**“ آهي، جيڪو حضور شمسِ مارِهَره حضرت اَڇي مياں رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي حڪم تي سندن مريدن ۽ خليفن ۽ عالمن فاضلن جي هڪ جماعت ملي ڪري ترتيب ڏنو. عالمگيري انسائيڪلوپيڊيا ۽ آئينِ احمدي انسائيڪلوپيڊيا ۾ هڪ

بنيادي فرق اهو آهي تہ حضرت عالمگير رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه صرف فقہ حنفي جي مسائل ۽ جزئيات تي ڪتاب ترتيب ڏياريو جڏهن تہ هن انسائيڪلوپيڊيا جو شان هي آهي جو عُلومِ مُتَدَاوِلَه (مشهور ۽ رائج عُلوم) مان ڪو بہ فن يا علم اهڙو نہ آهي جيڪو هن ۾ لکيو نہ ويو هجي. هن جي تاليف جي سلسلي ۾ قاضي علامہ حضرت شبير قادري لکن ٿا: خليفن ۽ مريدن مان (حضرت اڇي مياں رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾) علماءِ ڪرام جي هڪ جماعت حاضر هئي، پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن سرڪار مارهرا جي ڪتب خاني (يعني لائيبريري) کي ڪو مڪمل ڏسڻ چاهي تہ ان لاءِ هڪ وڏو وقت کپي. مناسب اهو آهي تہ توهان ڪوشش ڪريو ۽ ڪتب خاني مان مختلف علوم ۽ فنون جا ڪتاب منتخب ڪري هر فن جو خلاصو جنهن ۾ ان جون ضروري ڳالهيون هجن مرتب ڪيو تہ جيئن جيڪو بہ ان خلاصي کي ڏسي تہ چڻ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ ليکڪن جي تحقيقن کي سمجهي وٺي. سندن حڪم تي هڪ جماعت عمل ڪيو ۽ هڪ مجموعو جيڪو تقريباً ٽيهہ (30) ۽ هڪ قول جي مطابق سٺ (60) جلدن تي مشتمل مڪمل ٿيو. ان جو نالو ”آئين احمدي“ رکيو ويو. ان ۾ ڪيترن ئي بزرگن جا متن ۽ ڪيترائي ننڍا وڏا رسالا مڪمل موجود آهن. ڪجهہ مضمون خلاصي طور آهن. مون اذڪار ۽ وظائف جي اصل نسخن جي زيارت ڪئي آهي جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي حضرت جا دستخط مبارڪ ۽ هدايتون آهن. افسوس هيءُ موتين سان پرويل هار منتشر ٿي ويو نہ تہ تمام وڏي نعمت هئي. انهيء مان اندازو ٿئي ٿو تہ آئين احمدي هڪ ڪتاب نہ پر پنهنجي اندر هڪ مڪمل

ڪتب خانو (لائيبريري) آهي. پر افسوس تہ علوم ۽ فنون جو بي مثال انسائيڪلوپيڊيا محفوظ نہ رهي سگهيو. (تذکرۂ شمسِ مارہرہ، ص 38بتغير)

## مريد هجي تہ اعليٰ حضرت جهڙو

حضرت مولانا سيّد اَبُوالقاسم اسماعيل حسن شاھ جي مياں صاحِب مارِهروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ هڪ دفعو اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ حضرت مولانا عبد القادر صاحب بدايوني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وچ ۾ ڪنهن مسئلي تي علمي بحث ٿيو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جو مؤقف مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ ان فرمايو تہ توهان مون سان گڏ سيتاپور (اتر پرديش) هلو. اتي حضور جدِ امجد سيّدنا شاھ آلِ احمد اڇي مياں صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب آئين احمدي جي جلد عقائد منهنجي ڪتب خاني(لائبريري) ۾ موجود آهي ۽ ٻيا صوفي سڳورن جا ڪتاب بہ موجود آهن انهن ۾ فرق ڏسجو تہ جيڪو مان چئي رهيو آهيان اهو درست آهي يا جيڪو توهان فرمائي رهيا آهيو اهو درست آهي. ٻئي حضرات سيتاپور تشريف کڻي ويا. پهريان مولانا عبدالقادر صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آئين احمدي جي جلد عقائد مان اسان جي پيرن جي سلسلي سان تعلق رکڻ واري حضرت سيّدُنا احمد صاحب ڪانپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب ''زبدۃُ العقائد''ڪڍي ڏيکاري. ان کي ڏسي ڪري منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو تہ ”مان بغير دليل جي اها ڳالھ تسليم ڪريان ٿو جيتوڻيڪ دليل سان اهو فرق منهنجي ذهن ۾ ناهي آيو پر ڇوتہ منهنجو مرشد ڪريم اهو فرمائي ٿو ان ڪري

پنهنجي مرشد ڪريم جي ارشاد تي مٿو جهڪائي تسليم ڪريان ٿو.“ (حياتِ اعلیٰ حضرت، 105-103/1 ملتقطاً)

اها ابتدائي دؤر جي ڳالهه آهي پوءِ پاڻ انهيءَ (آئينِ احمدي واري) مؤقف کي (پنهنجي ڪتاب) ”اَلْمُعْتَمَدُ الْمُسْتَنَد“ ۾ مُفصَّل ۽ مُدَلَّل انداز ۾ بيان به فرمايو. (حيات اعلیٰ حضرت، 438/1) الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نامہ سے رضا کے اب مِٹ جاؤ بُرے کامو — دیکھو مرے پلہ پر وہ اچھے میاں آیا

بد کار رضا خوش ہو بد کام بھلے ہوں گے — وہ اچھے میاں پیارا اچھوں کا میاں آیا

شرح ڪلام رضا: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ان ڪلام جي مقطع (آخري شعر) جي پهرين مصرعي ۾ عاجزي ۽ انڪساري فرمائيندي پنهنجي پاڻ کي ”بدڪردار“ فرمايو آهي جيڪا يقيناً سندن ڪمال عاجزي ۽ پنهنجي پير و مرشد سان تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت جو اظهار آهي. اسان عاشقان رضا عرض ٿا ڪيون ٿا:

بد کار گدا خوش ہو بد کام بھلے ہوں گے — دیکھو میرے پلہ پر وہ احمد رضا خاں آیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولاد مبارڪ

حضرت شاهِ آلِ احمد اچي ميان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو نڪاح حضرت سيّد شاهه غلام علي صاحب بلگرامي جي صاحبزادي ''حضرتِ بيبي فضل فاطمہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡها ''سان ٿيو، پاڻ نهايت نيڪ خاتون هئي. سندس مان هڪ صاحبزادو ۽ هڪ صاحبزادي پيدا ٿي. صاحبزادي 11 ربيعُ الاوّل 1196 هجري تي انتقال فرمائي وئي. ۽ صاحبزادو حضرت سيد آلِ نبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مادر زاد (يعني پيدائشي) وَلي هو، (ننڍپڻ جي عمر ۾) سندس وات مان جيڪو لفظ نڪرندو هو الله تعالي پورو فرمائي ڇڏيندو هو[1]. سندن رسمِ بسم الله شريف کان پوءِ بخار آيو ۽ ان سبب جي ڪري 13 ربيعُ الاوّل 1196 هجري تي وصال ٿي ويو. (تذکره مشائخ قادريہ، ص 364) هڪ قول جي مطابق صاحبزادي جي انتقال جي اناويهه ڏينهن کان بعد 11 ربيع الاخر تي صاحبزادي صاحبہ فوت ٿي ويئي. (احوال وآثار حضرتِ اچھے مياں، ص27) الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مريدن جو تعداد ۽ ڪجهه خليفن جا نالا

حضرت اَچي ميان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مريدن جي تعداد هڪ اندازي جي مطابق ٻن لکن جي قريب آهي. (تاريخ مشائخ قادريہ، ص 364) برڪاتيہ خاندان ۾ سندن ڪجهه خليفن جا نالا هي آهن:

[1] ننڍي عُمر ۾ وات مان نڪتل ڳالھ جو پورو ٿي وڃڻ ڪيترن ئي بزرگن کان ثابت آهي بلڪ جنهن عمر ۾ ٻار ڳالهائي بہ ناهي سگهندو ان عمر ۾ بہ ڪيترن ئي ٻارن کان ڳالهائڻ ثابت آهي.

﴿1﴾ حضور اَڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ننڍو ڀاءُ حضرتِ سيّد آلِ بَرَڪات المعروف ستري ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو سائين کان پوءِ سلسلي برڪاتي جو سجاده نشين ٿيو.

﴿2﴾ حضور اڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ننڍو ڀاءُ حضرتِ سيّد شاھ آلِ حسين سچي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

﴿3﴾ حضرتِ سيّد شاھ آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، پاڻ ئي اهي مبارڪ هستي آهن جن جي سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن بيعت ڪئي ۽ سندن مشهور فرمان آهي تہ جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن منهنجي رب مون کان پڇيو تہ ڇا کڻي آيو آهين؟ تہ مان "احمد رضا کي پيش ڪندس تہ مولا! هي کڻي آيو آهيان. (انوارِ رضا، ص 378)

﴿4، 5﴾ حضرت سيّد شاھ اولادِ رسول قادري مارِهَروي ۽ حضرت سيد شاھ غلام محيُّ الدِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما، هي ٻئي حضرات حضور اڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا پاڻٺيا آهن. اللّٰه ربُّ العزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪامل پير جي تلاش جي

حضور اڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي منظورِ نَظَر خليفي حضرت مولانا شاھ عبدُالمجيد عينُ الحق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بيعت جي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ جو واقعو نهايت دلچسپ آهي. پاڻ هڪ عرصي کان پير جي تلاش ۾ هئا پر ڪنهن تي دل نہ ٻيهندي هئي. ڪنهن سندس کي

حضرت اَچي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو ٻڌايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مارهَرا شريف پهتا ۽ ڪجھ ڏينهن تائين سائين جي خدمت ۾ حاضر رهيا پر آخرڪار هتي به دل مطمئن نه ٿيس. دل ئي دل ۾ چوڻ لڳا ته هي سڀ ڪائڻ ۽ ڪمائڻ جا هربا آهن. مان اهڙي فقيري جو قائل نه آهيان. بالآخر اتان ڪان پنهنجي وطن بدايون روانو ٿيا. بدايون سان گڏ خواجہ خواجگان حضرتِ خواجہ حسن شيخ شاهي المعروف وڏي سرڪار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آستاني تي پهچي ڪري ان ڏنو ته حضورِ غوث پاڪ ۽ شيخ شاهي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهما تشريف ڪٺي آيا ۽ ان کي فرمايائون: عبدُالمجيد! سڄي دنيا ۾ ڏيئو کڻي ڳولهيندي تڏهن به سيد آلِ احمد ڪان سٺو پير توکي نه ملندو. هاڻي ئي واپس وڃ ۽ سيد آلِ احمد جو مريد ٿي وڃ. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اتان ئي پوئين پير مارهَرا شريف حاضر ٿيا ۽ بيعت جي خواهش ظاهر ڪيائون. حضرت اچي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو "ميان! تون مولوي آهين مريد ٿي ڪري ڇاڪندي؟ هي ته ڪمائڻ ۽ ڪائڻ جا هربا آهن." (دلي وسوسو ڄاڻڻ تي) مولوي صاحب قدمن تي ڪري پيو ۽ پنهنجي ڏوھ جي معافي گهريائين، اچي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قادري سلسلي ۾ داخل فرمايو ۽ بي مثال خلافت ۽ خلافت جي خرقي سان به سرفراز ڪيو ۽ فرمايائون ته تون رستي ۾ هئين ته پيرانِ پير، پيرِدستگير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن تشريف ڪٺي آيا ۽ مون کي فرمايائون: مولوي عبدالمجيد اچي ٿو تون ان کي مريد ڪر ۽ خلافت عطا ڪرينس. (برڪاتِ مارہرہ، ص 80بتغير)

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا　　اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدم اعلیٰ تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪوڙھ وارو ٺيڪ ٿي ويو (ڪرامت)


حضور اڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاھ ۾ ھڪ دفعو ھڪ ڪوڙھ وارو سپاھي حاضر ٿيو ۽ پري ويھي رھيو. پاڻ فرمايائون: ”ياء اڳتي اچو؟“ اھو عرض ڪرڻ لڳو: حضور! مان ان قابل نہ آھيان وري فرمايائون اڳتي اچو اھو شخص اڳتي آيو تہ جنھن جڳھ تي سفيد داڳ ھو اتي حضرت پنھنجو ھٿ مبارڪ رکي فرمايو تہ ھتي تہ ڪجھ بہ ڪونھي. جڏھن سپاھيءَ ان جڳھ کي ڏٺو تہ سفيد داڳ بلڪل غائب ھو. (تذکرہ مشائخِ قادریہ رضویہ، ص 362 بتغير)

اے مرے اچھے کے اچھے مجھ کو بھی اچھا بنا
صدقہ اُچھے میاں احمد رضا خاں قادری

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(نوٽ: حضرت سيد آلِ احمد اڇي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ارشادات ۽ ڪرامات تي مشتمل ھن رسالي جو ٻيو حصو بعد ۾ جاري ڪيو ويندو.)

## اگلے ہفتے کا رسالہ




عالمی مدنی مرکز فیضان مدینہ محلہ سوداگران پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net